قرآني بيان

داتا حضور

جو فيض

31 July 2026



مدني مرڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مسجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن لاءِ

31 جولاءِ، 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ 16 صفر شريف، 1448هه)
جي جمعي المبارڪ جو

مدني مرڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مسجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن لاءِ 31 جولاءِ 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ 16 صفر شريف 1448ھ) جي جمعي المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

داتا حضور جو فيض

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... حضرت جعفر طيار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي 2 پَرَ عطا ڪيا ويا.
- ... معذور کي شفا ملي وئي (واقعو)
- ... ڇا غيرُ الله کي "داتا" چئي سگهجي ٿو؟
- ... داتا حضور رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جون تعليمات

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ كُلَّ يَوْمٍ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ وَكُلَّ لَيْلَةٍ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ حُبًّا بِيْ وَشَوْقًا اِلَيَّ كَانَ حَقًّا عَلَى اللّٰهِ اَنْ يَغْفِرَ لَهُ ذُنُوْبَهُ تِلْكَ اللَّيْلَةَ وَذٰلِكَ الْيَوْمَ۔

آخري نبي رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن ڏينهن ۽ رات ۾ منهنجي طرف شوق ۽ محبت جي ڪري 3-3 ڀيرا درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ تي حق آهي تہ هو ان جا ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهہ بخشي ڇڏي.[1]

برسے گی رحمتِ شہِ ابرار بالیقیں | مٹ جائے گا گناہوں کا کاجل، درود پڑھ
ان کی ہی بارگاہِ مُنوّر میں صبح و شام | کونین میں ہیں سب سے جو افضل، درود پڑھ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...معجم الكبير، قيس بن عائذ ابو كاہل، جلد:8، صفحہ:69، حديث:15316۔

قَالَ اللّٰہُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰی فِی الْكَرِیْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ۙ فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ۙ

صَدَقَ اللّٰہُ الْعَظِیْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُہُ النَّبِیُّ الْكَرِیْم صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم

ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ (قسم آهي!) اڳتي وڌڻ وارن جو پوءِ ڪائنات جو نظام هلائڻ وارن جو. (پاره: 30، النازعات: 4 ۽ 5)

داتا حضور رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي پائرو! صفر شريف جو مبارڪ مهينو آهي، 20 صفر المظفر تي عالمِ اسلام جي مشهور ۽ معروف هستي، لاهور جي تاجدار، حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِ جو عرس پاڪ هوندو آهي. ◈ داتا حضور رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِ تقريبًا 400 هجري ۾ دنيا ۾ تشريف ڪٽي آيا. ◈ سندن نالو مبارڪ: علي ۽ والد صاحب جو نالو: عثمان آهي. ◈ داتا حضور رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِ افغانستان جي علائقي غزني جا رهاڪو هئا. ◈ غزني جو هڪ محلو آهي: "هجوير". داتا حضور ان محلي ۾ رهندا هئا، ان ڪري "هجويري" سڏيا ويا. ◈ پاڻ نَجِيبُ الطَّرَفَين يعني حسني ۽ حسيني سيد آهن. ◈ شروع ڪان ئي وڏا نيڪ، پرهيزگار، عبادت گذار ۽ علمِ دين جو تمام گهڻو شوق (Passion) رکڻ وارا هئا. ◈ تقريبن 34 سالن جي مبارڪ عمر ۾ لاهور تشريف ڪٽي آيا. ◈ هتي نيڪي جي دعوت ڪي عام ڪيو، دينِ اسلام جو پيغام پکيڙيو، ماڻهن کي قرآن ۽ سنت جي تعليم ڏني. پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار سان، ڪڏهن بيانن جي ذريعي ته ڪڏهن ڪرامتن ذريعي بيشمار ڪافرن کي مسلمان ڪيو. جيڪي اڳ ئي مسلمان هئا، انهن کي سنتن جو پيڪر بڻايو، ڪيترن کي عالم بڻايو

۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي پنهنجي تربيت ۾ رکي ولايت جي بلند مقام تي پهچايو. ◈ تقريبن 30 سالن جي عرصي ۾ پاڻ برِصغير ۾ هڪ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. ◈هڪ مضبوط قول مطابق پاڻ 465 هجري ۾ هن دنيا مان پردو فرمايو. سندن مزار مبارڪ لاهور ۾ آهي. ◈سندن جي ئي نسبت سان لاهور کي "مرڪزُ الاولياء" ۽ "داتا نگر" به چيو ويندو آهي.[1]

کیا غرض دَر دَر پھروں میں بھیک لینے کے لئے ہے سلامت آستانہ آپ کا داتا پیا

جھولیاں بھر بھر کے لے جاتے ہیں منگتے رات دِن ہو مِری اُمّید کا گلشن ہَرا داتا پیا[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي پائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪامل ولي آهن ۽ سندن فيض جو درياءُ اڄ به جاري آهي. اسان شروع ۾ سيپارو 30، سورة النازعات جون 2 آيتون پڌيون، اچو ته پهرين انهن آيتن جي وضاحت پڌون، پوءِ انهن آيتن جي روشنيءَ ۾ داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فيض جا تذڪرا پڌنداسين.

آيتِ سگوري جي مختصر وضاحت

الله پاڪ فرمائي ٿو: فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ۙ فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ۙ

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ (قسم آهي!) اڳتي وڌڻ وارن جو پوءِ ڪائنات جو نظام هلائڻ وارن جو. (پاره: 30 النازعات: 4 ۽ 5)

1...تفصيل ڪے لئے ديکهئے: مکتبة المدينه ڪا رساله "فيضانِ داتا علی ہجويری رَحمةُ اللهِ عَلَيْه"۔

2...وسائلِ بخشش، صفحه:534۔

هن مقام تي اصل ۾ 5 صفتون آهن جن جو الله پاڪ قسم کنيو آهي. انهن مان 2 صفتون اسان ٻڌيون ته فرمايو: اڇتي وڏڻ وارن جو قسم! ۽ ڪائنات جو نظام هلائيندڙن جو قسم!

هتي هڪ ڳالهه ذهن ۾ رکي ڇڏيو ته پوري ڪائنات جو نظام الله پاڪ ئي هلائي ٿو. ان جو شان اهو آهي ته هو "ڪُن" فرمائي هزارين جهان پيدا ڪري سگهي ٿو، هو ڪنهن جو محتاج ناهي، پر الله پاڪ پنهنجي قانون سان اهو نظام ٻڌايو آهي ته ڪنهن کي هن ڪائنات جي نظام جي سنيال جون ذميواريون عطا فرمائي ٿو. جيئن ملائڪن کي مختلف ذميواريون ڏنيون ويون آهن، ◈ ڪو ملائڪ مينهن وسائڻ تي مقرر آهي، ◈ ڪو روح ڪڍڻ تي، ◈ ڪنهن جي ذميواري جبلن تي آهي ◈ ڪو سمندن ۽ دريائن تي مقرر آهي. غرض ته هي ربّ ڪريم جو نظام آهي، هو جهڙي طرح چاهي ٿو ان کي هلائي ٿو.
هاڻي سوال هي آهي ته الله پاڪ فرمايو:

(فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ۙ فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ۙ) ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ (قسم آهي!) اڇتي وڏڻ وارن جو پوءِ ڪائنات جو نظام هلائڻ وارن جو. (پاره: 30، النازعات: 4 ۽ 5)

هن مقام تي اهي ڪهڙا خوش نصيب آهن، جن جو الله پاڪ قسم فرمايو آهي؟ اهي ڪير آهن جيڪي اڇتي وڏندڙ آهن؟ ۽ اهي ڪير آهن جن کي الله پاڪ ڪائنات جي نظام جي سنيال جي ذميواري سونپي آهي؟ امام فخر الدين رازي، علامه محمود آلوسي، امام بيضاوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم ۽ بين ڪيترن ئي مفسرن فرمايو: هن مان مراد اولياءِ ڪرام جا اهي پاڪ روحَ بہ ٿي سگهن ٿا، جيڪي دنيا ۾ الله پاڪ جي قرب جا مشتاق رهيا، پوءِ جيئن ئي اهي پنهنجي جسمن

كان جدا ٿين ٿا تہ تيزيءَ سان الله پاڪ جي قرب ڏانهن وڌن ٿا، تنهنڪري اهي ”اڳتي وڌندڙ“ آهن. پوءِ الله پاڪ جيئن ملائڪن کي ذميواريون ڏنيون آهن، تيئن انهن اولياءِ ڪرام جي پاڪ روحن کي بہ مختلف ڪمن جون ڏيوٽيون سونپيون ويندیون آهن. هي ئي اهي پاڪ روحَ آهن[1] جن جو قسم کڻي الله پاڪ فرمايو.

فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ۙ فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ۙ

ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ (قسم آهي!) اڳتي وڌڻ وارن جو پوءِ ڪائنات جو نظام هلائڻ وارن جو. (پاره: 30، النازعات: 4 ۽ 5)

پاڪ روح ملائڪن سان ملي ويندا آهن

قرآن ڪريم ۾ ٻين هنڌن تي بہ هن ڳالهہ جو بيان موجود آهي تہ اولياءِ ڪرام جا پاڪ روحَ جڏهن جسمن کان جدا ٿيندا آهن تہ کين چيو ويندو آهي:

فَادْخُلِیْ فِیْ عِبٰدِیْ ۙ وَ ادْخُلِیْ جَنَّتِیْ

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ منهنجي خاص بانهن ۾ داخل ٿي وڃ. ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿي وڃ. (پاره: 30، الفجر: 29 ۽ 30)

شاهہ ولي الله محدث دهلوي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن مان معلوم ٿيو تہ ولي الله جي پاڪ روح کي ملائڪن سان شامل ٿيڻ جو حق ڏنو ويندو آهي.[2]

حضرت جعفر طيار کي 2 پر عطا ڪيا ويا

حضرت جعفر طيار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صحابي رسول آهن. پاڻ جنگِ موته ۾ شهيد

1...تفسير بيضاوى مع حاشيہ شيخ زاده، پاره:30، النازعات، زيرِ آيت:5، جلد:8، صفحہ:488 خلاصةً۔

2... حجة الله البالغة،القسم الاول، المبحث الاول،باب ذكر الملا الاعلى، جلد:1، صفحہ:33۔

ٿيا. حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ جن تشريف فرما هئا، ويجهو ئي حضرت اسماء بنت عميس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا (حضرت جعفر جي بيبوه) بہ موجود هئي. اوچتو سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ جن سلام جو جواب ڏنو، جيتوٽيڪ اتي سلام ڪرڻ وارو ڪير بہ نہ هو. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ ڪنهن کي جواب ڏنو؟ ان جي وضاحت ڪندي فرمايو: اي اسماء! هي جعفر آهن جيڪي حضرت جبرائيل ۽ ميڪائيل عليهما السلام سان گڏ وڃي رهيا هئا، انهن مون کي سلام ڪيو. جعفر ٻڌايو تہ جنگ دوران منهنجي جسم تي 73 زخم لڳا، مون اسلامي جهنڊو ساڃي هٿ ۾ ڪنيو تہ هٿ ڪٽجي ويو، پوءِ کابي هٿ ۾ ڪنيو تہ اهو بہ ڪٽجي ويو. الله پاڪ انهن هٿن جي بدلي مون کي 2 پَر عطا ڪيا آهن، جن سان مان ملائڪن سان گڏ اڏرندو آهيان ۽ جتي چاهيندو آهيان، لهندو آهيان. [1]

امام حاڪم مستدرڪ ۾ روايت ڪئي آهي تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هڪ رات مون جعفر کي ڏنو، ڪيس ۾ پَر هئا ۽ هو ملائڪن جي هڪ جماعت سان گڏ اڏامي رهيو هو. [2]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ الله پاڪ جا نيڪ بانها فوت ٿي ختم نٿا ٿين، بلڪ اهي زنده آهن ۽ ڪين مختلف ذميواريون ڏنيون وڃن ٿيون.

داتا سائين جو فيضان

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! قرآنِ پاڪ ۽ احاديث مان اها ڳالهہ ثابت آهي تہ اولياءِ ڪرام پنهنجي پنهنجي مزارن ۾ زنده آهن، سندن روح مختلف ڪم سرانجام ڏين ٿا، جن مان هڪ ڪم پنهنجي عقيدتمندن جي مدد فرمائڻ بہ آهي.

1...مستدرک، کتاب معرفة الصحابة رَضِیَ اللّٰہُ عنہم ذکر قصة شہادة جعفر...الخ، جلد:4، صفحہ:219، حدیث:4990۔

2... مستدرک، کتاب معرفة الصحابة ، کان جعفر بن ابی طالب یطیر...الخ، جلد:4، صفحہ:219، حدیث:4990۔

اَلْحَمْدُلِلّٰه! ◈حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ به ولي ڪامل هئا، ◈سيد زادا به هئا، ◈تمام وڏا عالم فاضل به هئا، ◈ولايت جي بلند درجن تي پهتل هئا. ◈پاڻ به پنهنجي مزار پاڪ ۾ زنده آهن، ◈چاهين ته پنهنجي چاهيندڙن کي ديدار سان به نوازيندا آهن ۽ ◈الله پاڪ جي عطا سان، ان جي ڏنل طاقت سان پنهنجي چاهيندڙن جون مشڪلاتون به آسان فرمائيندا آهن.

داتا حضور جو فيضان سيني شهرن ۾

حضرت مجدد الف ثاني رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ فرمائن ٿا: منهنجي ويجهو لاهور شهر برصغير جي تمام شهرن ۾ قطب آهي، هن شهر جي خير و برڪت برصغير جي سمورن شهرن ۾ پکڙيل آهي.[1]

پيرِ ڪامل ملي ويو

بابا غلام فريد بٹالوي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ هڪ بزرگ گذريا آهن، جيڪي ماضي قريب جا ئي آهن، گهٽا پراٹا نہ آهن. سندن دل ۾ اها خواهش هئي ته ڪنهن طرح الله پاڪ جو قرب ملي، باطن جي صفائي ٿئي ۽ دل جا دروازا کلي وڃن. انهي خواهش سان پاڻ عبادتون ڪندا هئا، رياضتون ڪندا هئا، بزرگن جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا پر جيڪو مقصد هو اهو حاصل نہ ٿيو. تمام گهٽو مايوس ٿيا، ايترا مايوس جو خودڪشي ڪرڻ جو ذهن بڻائي ورتائون، انهي مقصد لاءِ زهر به خريد ڪيائون.

پر الله پاڪ جي رحمت سان مٹن ڪرم ٿي ويو، ستا ته قسمت جاڳي پئي، حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ بگڙي بڻائڻ لاءِ خواب ۾ تشريف کڻي آيا، سائين سان گڏ هڪ بيا بزرگ به موجود هئا. داتا حضور رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ بابا

1...فيضان دار علي هجويري، صفحه:45.

غلام فريد جو مسئلو انهن بزرگ جي حوالي ڪري ڇڏيو. اڪ ڪلي تہ خوش هئا، خودڪشيءَ جو بيڑو ارادو بہ ترڪ ڪري ڇڏيائون، پر هاڻي سوچ ۾ هئا تہ اهي بزرگ ڪير هئا؟ انهن سان ڪيئن ملان؟ هڪ ڏينهن ڪنهن دوست سان ويني ڳالهيون ڪيائون، دوست چيو: جيڪڏهن دل جي مراد چاهيو ٿا تہ پير مهر علي شاهه صاحب رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ هليا وڃو!

فرمائن ٿا: مونکي ٻيو ڇا ڪپندو هو؟ دل جي مراد...!! انهي لاءِ مان گولڑا شريف حاضر ٿي ويس. جيئن ئي پهتس تہ ڇا ٿو ڏسان، اهي ئي بزرگ جيڪي داتا حضور رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه خواب ۾ ڏيکاريا هئا، پير مهر علي شاهه صاحب رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه اهي ئي آهن. مون فوراً سندن هٿ تي بيعت ڪئي ۽ سندن غلامي ۾ رهي باطن جي صفائي ۾ مصروف ٿي ويس.[1]

آپ محتاجوں کے والی درد مندوں کی دواء | بیکسوں کے آپ وارث اے ولی، شانِ خدا
مشکلیں حل ہوتی ہیں دربارِ عالی سے سدا | جاری دریا ہے سخاوت کا تری شہنشاہ
گنج بخش فیضِ عالم مظہرِ نورِ خدا
ناقصاں را پیرِ کامِل کاملاں را رہنما

معذور کي شفا ملي وئي

لاهور جي رهواسي هڪ صاحب جو بيان آهي تہ: هڪ پيرو مان پنهنجي هڪ دوست سان گڏ داتا حضور کي سلام ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هيس، رستي ۾ لوهاري گيٽ وٽ هڪ شخص نظر آيو، جيڪو سرمو وڪڻي رهيو هو. منهنجي دوست ان پوڙهي شخص ڏانهن اشارو ڪندي چيو: هي شخص داتا

1...سیرت بعد وصال حضرت داتا گنج بخش،صفحہ:135و 136 خلاصۃً۔

حضور رَحْمَةُاللهِعَلَيْهِ جي زنده ڪرامت آهي. مون حيرانگيءَ سان پڇيو: اهو ڪيئن؟ چيائين: هلو، هن جي زبان سان ئي ٻڌون ٿا. اسان ٻئي سندس ويجهو وياسين ۽ واقعو پڇيوسين، تہ چيائين: 25 يا 30 سال اڳ جي ڳالهہ آهي، مان اپاهج (يعني معذور) هيس، مان هلي نہ سگهندو هيس، پر منهنجي عادت هئي تہ جمعي جي نماز داتا حضور رَحْمَةُاللهِعَلَيْهِ جي مزار شريف جي ڀرسان واري مسجد ۾ ئي ادا ڪندو هيس. منهنجا پٽ مون کي وٺي ويندا هئا ۽ واپس بہ وٺي ايندا هئا. هڪ ڏينهن جمعو پڙهڻ لاءِ مسجد ۾ حاضر هيس، اقامت ٿي رهي هئي، مون ڏٺو تہ هڪ نوراني چهري وارا بزرگ منهنجي ويجهو بيٺا آهن. انهن فرمايو: تون بيهين ڇو نٿو؟ مون چيو: مان تہ اپاهج آهيان، ڄنگهن کان معذور آهيان. انهن بزرگن زور سان منهنجو ٻانهون پڪڙي فرمايو: اُٿ...!! تون بلڪل ٺيڪ آهين. انهن جيئن ئي مون کي اٿاريو تہ مان اٿي بيٺس، ڄڻ تہ منهنجون ڄنگهون ڪڏهن بيمار هيون ئي نہ. نماز کانپوءِ مون انهن بزرگن کي تمام گهڻو ڳوليو پر اهي مون کي نہ مليا. [1]

میں ہوں عصیاں کا مریض اور تم طبیبِ عاصِیاں
ہو عطا مجھ کو گناہوں کی دوا داتا پیا!![2]

مُلا جمال تَلوِي تي ڪرم...!!

هڪ نيڪ بزرگ گذريا آهن: ملا جمال تَلوِي. لاهور جا رهواسي هئا، کين داتا حضور رَحْمَةُاللهِعَلَيْهِ سان تمام گهڻي عقيدت هئي. 12 سالن تائين مسلسل سندن اهو معمول رهيو تہ داتا حضور کي سلام ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيندا هئا، چاهي

1... سيرت بعد وصال حضرت داتا گنج بخش،صفحہ:141خلاصةً۔
2...وسائلِ بخش، صفحہ:534۔

گرمي هجي يا سردي، مينهن هجي يا طوفان، ڪجهه به هجي، ڪنهن نه ڪنهن طرح داتا دربار ضرور پهچي ويندا هئا. هڪ پيرو ائين ٿيو ته ملا جمال تَلوِي کي سخت بک لڳي هئي، پئسا به وٽس نه هئا، کاڏو به ڪٿان نه ملي سگهيو. انهي حال ۾ هڪ باغ ۾ هليا ويا، توت جو وڻ هو، ان جي هيٺان بيهي رهيا. اوچتو ڇا ٿا ڏسن ته وڻ تي هڪ نوراني چهري وارا بزرگ وينا آهن، فرمايائون: ملا جمال! توت کائيندين؟ اهو چئي انهن ٽاريءَ کي ڏوٽو ڏنو، جيتوٽيڪ اها توت جي موسم نه هئي، تڏهن به ان وڻ مان تازا پڪل توت ڪرڻ لڳا. ملا جمال تلوي چوي ٿو: مونکي پڪ آهي ته اهي بزرگ داتا حضور رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ ئي هئا.[1]

آپ کی چشمِ کرم ہو جائے گر بدحال پر
دُور ہو غم کی ابھی کالی گھٹا داتا پیا[2]

داتا حضور جي طرفان قافلي جي خيرخواهي

پيارا اسلامي پائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي فيضانِ اولياء آهي، الله پاڪ جو فضل آهي ته اولياءِ ڪرام دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول تي ڪرم نوازيون فرمائيندا رهندا آهن. هڪ پيري جو واقعو آهي: ڪجهه اسلامي پائر جيڪي دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول سان گڏ قافلي جا مسافر هئا، سنتون سکي رهيا هئا ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪري رهيا هئا. سندن بيان آهي ته: اسان جو قافلو راهه خدا ۾ سفر ڪندي لاهور ۾ داتا دربار واري مسجد ۾ پهتو، اتي اسان جو 3 ڏينهن جي قيام هو.

1... سيرت بعد وصال حضرت داتا گنج بخش،صفحہ:174خلاصۃً۔
2...وسائل بخشش،صفحہ:534۔

قافلي جي شيدول (Schedule) مطابق سنتون سڪڻ سيڪارڻ جو حلقو لڳل هو، انهي دوران هڪ صاحب تشريف کڻي آيا. انهن عاشقانِ رسول سان وڏي محبت سان ملاقات ڪئي، پوءِ چوڻ لڳا: اَلْحَمْدُلِلّٰه! اڄ رات منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو، حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه مون گنهگار جي خواب ۾ تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون: دعوتِ اسلامي جي قافلي وارا عاشقانِ رسول 3 ڏينهن لاءِ منهنجي مسجد ۾ ترسيل آهن، تون انهن لاءِ ڪاڏي جو بندوبست ڪر! تنهنڪري مان قافلي وارن جي خيرخواهي لاءِ ڪاڏو کڻي آيو آهيان، قبول ڪريو!

کیا غرض در در پھروں میں بھیک لینے کیلئے ہے سلامت آستانہ آپ کا داتا پیا

جھولیاں بھر بھر کے لے جاتے ہیں منگتے رات دن ہو مری اُمّید کا گلشن ہرا داتا پیا[1]

روحاني توجهه سان مسئلن جو حل

پيارا اسلامي پائرو! اسان آيت سڳوري ٻڌي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ ڪائنات جو نظام هلائيندڙن جو (قسم...!!).

(پاره:30، النازعات: 5)

هن جي تحت امام فخر الدين رازي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪڏهن ڪڏهن اولياءِ ڪرام جا پاڪ روح خواب ۾ تشريف آڻي يا ائين ئي پنهنجي روحاني توجهه سان اسان جي مشڪلاتن جو حل ٻه اسان کي سيکاري ڇڏيندا آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه! داتا حضور رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ٻه پنهنجي چاهيندڙن جي اهڙي امداد فرمائيندا

1...وسائل بخشش،صفحہ:534۔

آهن.

داتا حُضُور روحاني مدد فرمائي...!

حُضُور خواجہ قَمَرُ الدّين سيالوي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ مُلکِ عزيز پاکستان جي مشهور ۽ معروف هستي آهن. هڪ پيري پاڻ داتا حُضُور رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ جي دربار سان گڏ نهيل مسجد ۾ وينا هئا، ساڻن گڏ ڪيترائي مُريد ۽ عقيدتمند به حاضر هئا. ايتري ۾ هڪ غير مسلم اتي آيو، ماڻهن خواجہ قمر الدين سيالوي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ کي ٻڌايو ته: حضور! هي غير مسلمن جو هڪ تمام وڏو عالم آهي، جيڪو عاشقانِ رسول عالمن سان اجايو بحث ڪري کين تمام گهٽو تنگ ڪندو رهندو آهي.

اصل ۾ اهو شخص خواجہ قمر الدين سيالوي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ کي به تنگ ڪرڻ جي نيت سان ئي آيو هو، تنهنڪري هن هڪ سوال پڇيو. چوڻ لڳو: توهان مسلمان مسجدن جي ديوارن تي هڪ شعر لکندا آهيو:

چراغ و مسجد و محراب و منبر | ابوبکر و عمر، عثمان و حيدر

وضاحت: يعني ابوبڪر صديق، عمر فاروق، عثمانِ غني ۽ علي المرتضيٰ رَضِیَ اللهُ عَنْهُم چراغ وانگر روشني وندڻ وارا، مسجد وانگر عزت ۽ شان وارا ۽ محراب و منبر جا حقيقي وارث آهن.)"

غير مسلم پڇيو: توهان مسجد جي ديوار تي هي شعر ڇو لکندا آهيو؟ خواجہ قمر الدين سيالوي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ فرمايو: ان ڪري ته جيئن جڏهن به ڪو شخص مسجد ۾ اچي ته کيس خبر پئجي وڃي ته هي مسجد عاشقانِ رسول،

عاشقانِ اَهلبيت ۽ عاشقانِ صحابہ جي بڻايل آهي. هي جواب ٻڌي اهو غير مسلم چوڻ لڳو: توهان مسلمان آهيو، حضرت محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم) کي پنهنجو نبي مجيو ٿا، توهان کي تہ گهرجي تہ رڳو سندن ئي تعريف ڪريو. توهان کي ڪپي تہ روشني وندبيندڙ چراغ، مسجد وانگر شان و عظمت ۽ محراب و منبر جو حقيقي مالڪ رڳو محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ) کي ئي مجيو، پر توهان هي شانَ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ) جي بدران ڪنهن ٻئي لاءِ مجيو ٿا، تنهنڪري توهان اهي صفتون صحابہ لاءِ مجي (نعوذ باللّٰه) محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ) جي شان ۾ گهٽتائي ڪريو ٿا، جڏهن تہ اهي توهان جا نبي آهن.

خواجہ قمر الدين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ ان اعتراض جا ڪيترائي جواب ڏنا پر هو ايترو تہ ضدي هو جو مڃڻ لاءِ تيار ئي نہ پئي ٿيو (هاڻي ظاهر آهي اتي ٻيا ماڻهو بہ موجود هئا، جيڪڏهن ان غير مسلم کي مطمئن نہ ڪيو وجي ها تہ ٻين جي دلين ۾ وسوسو پيدا ٿي سگهيو ٿي). ان تي خواجہ قمر الدين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ فرمائن ٿا: مان سوچ ۾ هئس تہ ڪيس ڪيئن مطمئن ڪريان؟ اجا ان ئي سوچ ۾ هئس تہ داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ ڪرم فرمايو، سندن مزار مان هڪ نوراني لات (شعاع) بلند ٿي ۽ اچي منهنجي سيني ۾ سمائجي وئي. ان ئي وقت داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ جي فيضان سان مون کي ان اعتراض جو جواب سمجهہ ۾ اچي ويو.

مون ان غير مسلم کي چيو: اي شخص ٻڌ! اسان جيڪو چئون ٿا تہ:

چراغ و مسجد و محراب و منبر	ابوبکر و عمر، عثمان و حيدر

ان جو حقيقي مطلب هي آهي تہ اسان جا آقا ۽ مولىٰ، محمدِ مصطفىٰ

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ايڈي شان وارا نبي آهن جو ◈ پاڻ پنهنجي نگاهِ نبوت سان ڪنهن کي چراغ وانگر روشني ڏيندڙ بڻائي ڇڏيو، ◈ڪنهن کي مسجد جهڙي عزت و شان عطا فرمايو ۽ ◈ڪنهن کي محراب و منبر جو مالڪ بڻائي قيامت تائين لاءِ امام ۽ پيشوا بڻائي ڇڏيو. تنهنڪري هن شعر جي اندر حضرت ابوبڪر، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان ۽ حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جو ته شان آهي ئي، پر ان سان گڏوگڏ ان ڳالهه جو به بيان آهي ته:

دامنِ مصطفےٰ سے جو لپٹا یگانہ ہو گیا | جس کے حُضُور ہو گئے، اس کا زمانہ ہو گیا

تنهنڪري هي شعر ظاهري طور صحابہ ڪرام جي شان ۾ آهي، پر حقيقت ۾ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽ شان کي بيان ڪري رهيو آهي. بس هي جواب ٻڌڻو هو ته هو غير مسلم ڦهڪو ڪَري ڪِرِي پيو، سندس پڳ مٿي تان لهي وئي. هن فوراً پاڻ سنياليندي چيو: جيڪو جواب اڄ توهان ڏنو آهي، اهو جواب اڄ تائين مونکي ڪنهن به نه ڏنو هو. [1]

هر صحابي نبي! جنتي! جنتي!

الله! الله! اي عاشقانِ رسول! اي عاشقانِ صحابہ و اهلِبيت! ٿورو غور فرمايو! اولياء ڪرام کي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم سان ڪيڏي نہ محبت آهي. حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ پنجين صدي هجريءَ جا بزرگ آهن ۽ خواجہ قمر الدين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ گذريل صديءَ جا بزرگ آهن، يعني وچ ۾ لڳ پڳ 9 صدين جو فاصلو آهي. انهن 9 صدين کان پوءِ خواجہ قمر الدين سيالوي داتا حضور جي بارگاهه ۾ حاضر آهن، هڪ غير مسلم اڇي

1... نامِ محمد کے میں قربان، صفحہ:44-45 بتغیر قلیل۔

صحابہ ڪرام جي شان تي اعتراض ڪري ٿو، حضور داتا گنج بخش جڏهن دنيا ۾ هئا تہ صحابہ جو شان بيان ڪندا ئي هئا، پر قربان وڃجي! سندن وصال کان صديون پوءِ بہ جڏهن صحابہ جي شان تي اعتراض ٿيو تہ مزارِ پاڪ ۾ آرامي هوندي بہ کين اها ڳالهہ پسند نہ آئي ۽ پاڻ پنهنجي روحاني فيضان سان صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم جي شان جو اظهار فرمائي ڇڏيو.

اَلْحَمْدُلِلّٰہ! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ "دعوتِ اسلامي" فيضانِ اولياء آهي، فيضانِ داتا آهي. اللہ پاڪ جي فضل سان، داتا حضور رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جن صحابہ جي شان جو روحاني فيضان سان اظهار فرمايو، اڄ دعوتِ اسلامي انهن ئي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم جي محبت گهولي (ملائي) پياري رهي آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰہ! هي دعوتِ اسلامي جو ئي فيضان آهي جو ٻار ٻار جي زبان تي هي نعرو گونجي رهيو آهي:

ہر صحابیٔ نبی!	جنّتی! جنّتی!	سب صحابیات بھی!	جنّتی! جنّتی!
چار یارانِ نبی!	جنّتی! جنّتی!	حضرتِ صدّیق بھی!	جنّتی! جنّتی!
اور عُمر فاروق بھی!	جنّتی! جنّتی!	عُثمانِ غنی!	جنّتی! جنّتی!
فاطمہ اور علی!	جنّتی! جنّتی!	ہیں حسن حسین بھی!	جنّتی! جنّتی!

ڇا غيرُ اللّٰہ کي داتا ڇئي سگهجي ٿو...؟

سُبْحٰنَ اللّٰہ! پيارا اسلامي ڀائرو! هي داتا حضور رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِ جون عنايتون ۽ نوازشون آهن، اڄ بہ چاهيندڙن تي مسلسل ڪرم نوازيون ٿي رهيون آهن.

هي داتا حضور رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جو جاري و ساري فيضان آهي، جيڪو جنهن نيت ۽ ارادي سان وڃي ٿو، ان کي (مراد) نصيب ٿي وڃي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن دلين ۾ وسوسا ايندا آهن ته ڇا غيرُ الله کي داتا چئي سگهجي ٿو؟ ڏيڻ واري ذات ته الله پاڪ جي آهي، پوءِ اسان ڪنهن ٻئي کي داتا ڇو چئون؟

ان حوالي سان ياد رکي ڇڏيو! ته ٻانهن کي داتا چوڻ بلڪل درست آهي، اها ڳالهه قرآنِ ڪريم مان به ثابت آهي. سيپارو: 16، سوره مريم ۾ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي امڙ حضرت مريم رَحْمَةُاللهِعَلَيْهَا جو واقعو ذڪر ٿيو، جڏهن حضرت مريم رَحْمَةُاللهِعَلَيْهَا اڪيلائيءَ ۾ تشريف کڻي ويون ته اتي هڪ نوراني صورت وارو نوجوان ڏٺائون، پاڻ تمام گهٽو باحيا هيون، پنهنجي ڪمري ۾ ائين نوجوان کي ڏسي فرمايائون:

(قَالَتْ اِنِّیْۤ اَعُوْذُ بِالرَّحْمٰنِ مِنْكَ)

ترجمو ڪنز العرفان: مريم چيو: مان توکان رحمٰن جي پناهه گهران ٿي. (پاره:16، مريم:18)

اهو نوجوان کو انسان نه هو بلڪ انساني صورت ۾ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَامُ هئو، پاڻ فرمايائون:

(اِنَّمَاۤ اَنَا رَسُوْلُ رَبِّكِ لِاَهَبَ لَكِ غُلٰمًا زَكِیًّا)

ترجمو ڪنز العرفان: مان ته تنهنجي رب جو موڪليل آهيان ته جيئن مان توکي هڪ پاڪيزه پٽ ڏيان. (پاره:16، مريم:19)

يعني اي مريم! گهبرايو نه...!! مان الله پاڪ جو موڪليل ملائڪ آهيان، اوهان کي پٽ ڏيڻ آيو آهيان. سُبْحٰنَ الله! هي صاف لفظ داتا وارا آهن، يعني

حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جيڪي يقينًا غيرُ الله آهن، الله پاڪ جي عطا سان، الله پاڪ جي طرفان حضرت مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا کي پٽ ڏيڻ آيا هئا. معلوم ٿيو تہ **غيرُ الله کي داتا چوڻ بہ درست آهي ۽ داتا ميڙ بہ درست آهي.**

داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون تعليمات

پيارا اسلامي پائرو! حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام بلند رتبي واري هستي آهن، الله پاڪ جي فضل سان سندن دربارِ عالي مان سوالي جهوليون پري ويندا آهن ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قيامت تائين پريندا رهندا. ربّ ڪريم اسان سيني کي ولين جو عقيدتمند رکي.

هڪ ڳالهہ جيڪا عرض ڪرڻ چاهيان ٿو، اها هيءَ تہ اولياءِ ڪرام جون ڪرامتون يقينًا حق آهن، هي الله وارا پنهنجي چاهيندڙن جي مدد بہ ڪندا آهن ۽ مشڪلاتون بہ حل ڪندا آهن،

ان ۾ ڪو شڪ ناهي. پر! اسان کي سندن تعليمات تي بہ توجهہ ڏيڻ گهرجي، بلڪ دنيا جون مشڪلون حل ٿين يا نہ ٿين، انهن اوليائن جي تعليمات تي توجهہ ڏيڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ تمام ضروري آهي. اچو! داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ فرمانِ مبارڪ ٻڌون ٿا ۽ نيت ڪريون ٿا تہ ان تي عمل بہ ڪنداسين.

علم سکڻ ضروري آهي

داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي حق جا طالب! توکي معلوم هجڻ گهرجي تہ عمل جي لاءِ جيتري علم جي ضرورت آهي، اوترو علم حاصل ڪرڻ فرض ۽ لازم آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: ائين سمجهي ونو تہ نماز هڪ عمل آهي، ◈ جيستائين بانهي کي پاڪائي (مثال طور وضو ۽ غسل) جا فرائض معلوم نہ

هجن، ◈پاڻي جي سجاڻپ نہ هجي (مثال طور اهو معلوم نہ هجي تہ ڪهڙي پاڻي سان وضو ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪهڙي سان نہ)، ◈قبلي جي رخ جو علم نہ هجي، ◈نماز جا وقت ۽ ◈فرائض و واجبات وغيره جي خبر نہ هجي، ان وقت تائين ڀانهو نماز صحيح طريقي سان ادا ڪري ئي نٿو سگهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! داتا حضور رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ڪيڏي وڏي ڳالهہ ارشاد فرمائي آهي. افسوس! اڄڪلهہ ديني معلومات جي تمام گهٽي ڪوٽ آهي، اسان وٽ ماڻهو دين سکڻ جي طرف تمام گهٽ اچن ٿا. اسان کي گهرجي تہ فرض علم بہ سکون ۽ ان تي عمل بہ ڪيون.

مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي ترغيب

اَلحَمْدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي فيضانِ اولياء ۽ تعليماتِ اولياء کي عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، دعوتِ اسلامي ڏينهن رات علمِ دين جي خدمت ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: مدرسة المدينہ بالغان. ان ۾ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن کي قرآنِ ڪريم درست تجويد ۽ قرائت سان پڙهايو ويندو آهي. ان سان گڏوگڏ نماز جا احڪام ۽ مسئلا بہ سيکاريا ويندا آهن، سنتون بہ ٻڌايون ويندين آهن ۽ ترجمو و تفسير پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو موقعو بہ ملي ٿو. حديثِ پاڪ ۾ آهي: توهان ۾ بهتر اهو آهي جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري.[2] هڪ ٻي روايت ۾ آهي: جنهن شخص قرآنِ ڪريم سکيو، سيکاريو ۽ جيڪو ڪجهہ قرآنِ ڪريم ۾ آهي ان تي عمل ڪيو، قرآنِ ڪريم ان جي شفاعت ڪندو ۽ جنت ۾ وڃي

[1] ڪشف المحجوب، باب الاول فی اثبات العلم، صفحہ:15 ملتقطًا۔

2... بخاری، کتاب فضائل القرآن، باب خیرکم من ...الخ، صفحہ:1299، حدیث:5027۔

ويندو.[1]

اي عاشقانِ اولياء! انهن فضيلتن جو حقدار بڻجڻ ۽ درست تجويد ۽ قرائت سان قرآنِ ڪريم سکڻ جي لاءِ مدرسة المدينہ ۾ داخلا وٺي ڇڏيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! کوڙ ساريون برڪتون نصيب ٿينديون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قرآن ٽيچر موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجي جو دور آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي (I.T) ڊيپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: قرآن ٽيچر (QuranTeacher).

هن جون ڪجهہ اهم خاصيتون: ◈هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي درسِ نظامي، فيضانِ نماز ڪورس ۽ زڪوات ڪورس جهڙن بيشمار آن لائن ڪورسز جي لاءِ رجسٽريشن ڪرائي سگهجي ٿي.◈ ايجوڪيشن پورٽل (Educational Portal) ۾ اوهان کي آن لائن ڪلاس جي سرگرمين بابت باخبر رکيو ويندو آهي. ◈هي ايپلي ڪيشن آن لائن ٿيندڙ ڪورسز بابت معلومات بہ فراهم ڪري ٿي، اوهان پنهنجي مرضي مطابق ڪنهن بہ ڪورس جي چونڊ ڪري سگهو ٿا ۽ بغير ڪنهن مشڪل جي آن لائن قرآن سکڻ لاءِ داخلا وٺي سگهو ٿا. ◈ دعوتِ اسلامي جي هن پليٽ فارم تان اسلامي ڀائرن کي تقريبن

1…کنزالعمال، کتاب الاذکار، الباب السابع فی تلاوۃ القرآن ...الخ، جلد:1، جز:1، صفحہ:266، حديث:2373۔

42 ۽ اسلامي پينرن کي تقريبن 38 مختلف اسلامي کورس کرايا ويندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي پڄاڻي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

درست چاآهي؟

(درست شرعي مسئلو يا عوام ۾ پکڙيل غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: جنازي جي نماز واري وضو سان ٻيون نمازون به پڙهي سگهجن ٿيون.

وضاحت: عوام ۾ مشهور آهي ته جنازي جي نماز لاءِ جيڪو وضو ڪيو ويو، ان سان ٻيون نمازون نٿيون پڙهي سگهجن. هي صرف هڪ غلط فهمي آهي. جنازي جي نماز پڙهڻ لاءِ جيڪو وضو ڪيو ويو، ان سان ٻيون نمازون به پڙهي سگهجن ٿيون ۽ قرآنِ ڪريم کي هٿ به لائي سگهجي ٿو، ان ۾ ڪو حرج ناهي. اهو مسئلو جنهن جي ڪري عوام ۾ اها غلط فهمي پيدا ٿي، اهو هي آهي ته: مثال طور جنازي جي نماز شروع ٿيڻ واري آهي ۽ هڪ شخص دير سان پهتو، هاڻي حالت اها آهي ته جيڪڏهن هو وضو ڪري ته جنازي جي نماز هلي ويندي(پوري ٿي ويندي)، اهڙي حالت ۾ ڪيس اجازت آهي ته هو تيمم ڪري جنازي جي نماز ۾ شريڪ ٿي وڃي. هاڻي هي جيڪو تيمم آهي، خاص ان تيمم سان ٻيون نمازون نٿو پڙهي سگهي، جو ته اهو تيمم خاص جنازي جي نماز لاءِ هو ۽ شريعت هڪ خاص مجبوريءَ تحت ان جي اجازت ڏني هئي. باقي رهيو وضو...!! ته ان جو اهو حڪم ناهي.[1]

1... فتاوىٰ رضويه، جلد:3، صفحه:305 و306 خلاصةً ـ

الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَسماءُ الحُسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَا اَوَّلُ (اي قديم ذات...!!)

جيڪڏهن مڙس ۽ زال جي پاڻ ۾ محبت گهٽجي وڃي ته روزانو الله پاڪ جو پيارو نالو "يَا اَوَّلُ" 100 پيرا پڙهو! اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! پاڻ ۾ محبت وڌندي.[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...مدنی پنج سوره، صفحه:258۔